SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 2001

سنڌ ماليات آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي شيڊول I جي ترميم
Amendment of Schedule I of Act II of 1899

3. 1958 جي سنڌ ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of Sindh Act V of 1958

4. 1958 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of Act X of 1958

5. 1965 جي آرڊيننس IX جي ترميم
Amendment of Ordinance IX of 1965

6. 1975 جي سنڌ ماليات ايڪٽ XV جي ترميم
Amendment of Sindh Finance Act XV of 1975

7. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Sindh Act VII of 1977

8. 1994 جي سنڌ ماليات ايڪٽ XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Finance Act XIII of 1994

سنڌ آرڊيننس نمبر XXIII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXIII OF 2001

سنڌ ماليات آرڊيننس، 2001

THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 2001

[30 جون 2001]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪجهہ ٽيڪسز ۾ رعايت کي معقول بڻايو ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ ڪجهہ ٽيڪسز ۾ رعايت کي معقول بڻائڻ ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ماليات آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

Short title and Commencement

(2) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 2001 کان لاڳو ٿيندو.

Amendment of Schedule I of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، 1899 جي ايڪٽ II جي شيڊول I جي ترميم ان جي شيڊول I ۾:

(a) آرٽيڪل 5 ۾، شق (cc) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

(cc)جيڪڏهن رجسٽرڊ موٽر گاڏي جي وڪري يا منتقلي سان لاڳاپيل هجي.	هڪ سئو روپيا

(b) آرٽيڪل 10 لاءِ، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"10.هڪ ڪمپني جو آرٽيڪل آف ايسوسيئيشن:

(a)جتي ڪمپني کي مک حصو 500000 روپين کان وڌيڪ نه هجي.	هڪ سئو روپيا
(b) جتي مک حصو 500000 روپين کان وڌيڪ هجي.	ٻه هزار روپيا

(c) آرٽيڪل 31 کانپوءِ نئون آرٽيڪل A_31 شامل ڪيو ويندو:

"A_31. مالياتي دستاويز جنهن جو مطلب آهي ڪو به دستاويز جيڪو وڪري يا وري خريد ڪرڻ جي نوعيت جو هجي ۽ جيڪو مارڪ اپ جي بنياد تي، معاهدي يا مقروضاتي لکت يا واعدي، گروي، ڏراوت پيارڻ جي معاهدي، فلوٽنگ چارج جي معاهدي موجب هجي، جيڪو بئنڪنگ ڪمپني جي حق ۾ لاڳو ڪيو ويو هجي ۽ اهو گراهڪن، ڪنهن مالي روايت مطابق ڪيو هجي پر اهو وياج تي ٻڌل نه هجي.

(i)جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي.	0.2 سيڪڙو يا 1000 رپيا جيڪا بہ گهٽ هجي.
(ii)جتي رقم 1.00 ملين رپين کان وڌيڪ هجي پر 10.00 ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجي.	0.2 سيڪڙو يا 2.500 رپيا جيڪا گهٽ هجي.
(iii) جتي رقم 10.00 ملين کان وڌيڪ هجي پر 100.00 ملين کان وڌيڪ نہ هجي.	0.2 سيڪڙو يا 5.000 رپيا جيڪا گهٽ هجي.
(iv) جتي رقم 100.00 ملين رپين کان وڌيڪ هجي.	0.2 سيڪڙو يا 10.000 رپيا جيڪا گهٽ هجي."؛

(d) آرٽيڪل 39 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"39. ڪمپني جو ايسوسيئيشن جو يادداشت نامو.

(a)جيڪڏهن ڪمپنيز آرڊيننس، 1994 تحت آرٽيڪلس آف ايسوسيئيشن ذريعي گڏ هجي.	هڪ هزار رپيا
(b)جيڪڏهن اهڙيءَ ريت گڏ نہ هجي.	ٻہ هزار رپيا

(e) آرٽيڪل 40 ۾، عنوان، لفظن ۽ انگن "ساموندي جهاز گروي رکڻ وارو باند (نمبر.16)" کانپوءِ لفظ ۽ انگ "مالياتي دستاويز (نمبر.A_31)" شامل ڪيا ويندا.

(f) آرٽيڪل 48 جي ڪالم 2 ۾، شقن (ee) ۽ (eee) جي سامهون، لفظن "پنج هزار رپيا" ۽ "ڏهہ هزار پيا" لاءِ لفظ "ٻہ

هزار پنج سئو رپيا" ۽ پنج هزار رپيا" ترتيبوار متبادل ٿيندا.

1958 جي سنڌ ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of Sindh Act V of 1958

3.سنڌ شهري غير منقوله ملڪيت ٽيڪس، 1958 ۾:

(a) دفعه 3 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2)، (2_A)، (2_B)، (3) ۽ (3_A) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) ٽيڪس زمينن ۽ عمارتن جي سالياني ملهه جي ويهه سيڪڙو قيمت جي بنياد تي لڳائي، اوڳاڙي ۽ جمع ڪئي ويندي."؛

(ii) ذيلي دفعه (3_AA) ۾، لفظن، انگن ۽ ڏنگين ۽ ذيلي دفعه (3_A)" کي ختم ڪيو ويندو.

(b) دفعه 4 ۾:

(i) شق (f) ۾، لفظ "لاءِ" کانپوءِ لفظن "مجموعي عبادت يا عوامي خدمت بشمول" شامل ڪيا ويندا ۽ موجود شرطيه بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"بشرطيڪ هڪ خيراتي اداري کي ڇوٽ بيان ڪيل طريقي موجب هوندي."

(ii) شق (g) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(g). عمارتون ۽ زمينون جن جو سالياني ملهه ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جن جا مالڪ بيواهه، نابالغ يتيم يا مستقل طور معذور ماڻهو هجن:

بشرطيڪ جتي ملهه ڇوٽ ڏنل حد کان وڌيڪ هجي، اهڙي واڌو حد تي ٽيڪس وصول ڪئي ويندي."

(iii) شق (g) کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

"(h). عمارتون ۽ زمينون يا حصا، جيڪي ڪمرشل ملڪيتن کانسواءِ هجن جيڪي سنڌ ڪلچرل هيريٽيج

(پرزرويشن) ايڪٽ، 1994 تحت محفوظ ٿيل ورثي طور اعلانيل هجن.".

(c) دفعہ 5 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(5) زمين يا عمارت بشمول ان سان لاڳاپيل شيون جن مان سهولتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون انهن جي مجموعي سالياني ڪرائي جي اندازي لڳائڻ سان ڪنهن زمين يا عمارت جو سالياني ملهه طئي ٿيندو، ان مان مرمت جي خرچ جو ڏهه سيڪڙو ڪاٽيو ويندو بشمول انهن ٻين خرچن جي جن سان عمارت کي صحيح حالت ۾ قائم رکيو ويندو، اهي خرچ سالياني مجموعي ڪرائي ۾ شامل ٿيندا.

(d) دفعات 7_A، 7_B، 7_C، 7_D ۽ 7_E کي ختم ڪيو ويندو.

1958 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم

Amendment of Act X of 1958

4. سنڌ تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾:

(i) دفعہ 6 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ 6_A شامل ڪئي ويندي:

(a) "6_A. (سينيمائن تي تفريحي ڊيوٽي لڳائڻ جو طريقو)

جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، سينيمائن تي روزاني بنيادن تي تفريحي ڊيوٽي هن ايڪٽ جي شيڊول ۾ بيان ڪيل سينيمائن جي درجي بنديءَ موجب اوڳاڙي ويندي:

(b) حڪومت يا حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار ٿيل ڪا اختياري طرفان وقت بوقت اهڙي جاچ پڙتال ڪرائڻ کانپوءِ جيئن اها ضروري سمجهي، ڪنهن سينيما جي درجي بندي ڪانپوءِ:

بشرطيڪ هڪ سينيما جي درجي بندي سينيما جي مالڪ

کي موقعو فراهم ڪرڻ ڪانسواءِ نہ وڌائي ويندي، ان کي تجويز ڪيل وڌايل درجي خلاف سبب ڄاڻائڻو پوندو؛

(c) سينيما جي سلسلي ۾ تفريحي ڊيوٽي سينيما جي مالڪ طرفان ادا ڪئي ويندي؛

(d) هن دفعہ جي سلسلي ۾ تفريحي ڊيوٽي سمورين سينيماٽوگرافڪ نمائشن (شوز) لاءِ اڳواٽ واجب الادا هوندي، جن لاءِ اهڙي سينيما هلندڙ هفتي بااختيار بڻايل هجي:

بشرطيڪ جيڪڏهن اهو ثابت ٿي وڃي ٿو تہ ڪنهن سينيما جي سلسلي ۾، ڪنهن هفتي دوران، اهڙي سينيما طرفان لڳايل بااختيار بڻايل سينيماٽوگرافڪ نمائشن (شوز) جي گهٽ هئڻ تي، سينيما جو پروپرائيٽر نہ هلايل شوز تي تفريحي ڊيوٽي واپس ڪرڻ جو مستحق هوندو يا سندس مستقبل ۾ تفريحي ڊيوٽي مان ساڳي ڪٽوتي ڪئي ويندي؛

(e) جيڪڏهن مالڪ مٿي ڄاڻايل ڊيوٽي ڏنل وقت دوران ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ، اهو اهڙي ٽيڪس کان اضافي رقم ڀرڻ جي مستحق هوندو، اهڙو ڏنڊ جيڪو پنج هزار رپيا روزانو کان وڌيڪ نہ هوندو؛

(f) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي شيڊول ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي، اهڙيءَ ريت جيئن اضافو ڪري يا ان سلسلي ۾ داخلا يا ترتيب درج يا ان سلسلي ۾ ڪا داخلا ختم ڪري سگهي ٿي؛

(ii) دفعہ 15 کانپوءِ هن آرڊيننس ۾ شيڊول جو اضافو ڪيو ويندو.

5. (1) صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، دفعہ 32 لاءِ، | 1965 جي آرڊيننس

هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"32 (1) هن باب تحت رجسٽر ڪيل ڪنهن موٽر گاڏي جي وڪرو ۽ مالڪي جي منتقلي اهڙيءَ ريت ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص اهڙي وڪرو يا منتقلي بيان ڪيل عرصي دوران رجسٽر ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو تہ هر غلطي واري مهيني لاءِ منتقلي جي في برابر ڏنڊ وصول ڪيو ويندو.

IX جي ترميم

Amendment of Ordinance IX of 1965

6. سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1975 ۾ دفعہ 8 بشمول وضاحت جي ختم ڪيو ويندو.

1975 جي سنڌ مالياتي ايڪٽ XV جي ترميم

Amendment of Sindh Finance Act XV of 1975

7. سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1977 ۾ دفعہ 8 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) هوٽلن تي هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪا اگهہ جي بنياد تي هر لاجنگ يونٽ تي روزانو جي بنياد تي سادا ست سيڪڙو جي حساب سان لڳائي ويندي، جيئن هيٺ بيان ڪيو ويو آهي:

(a) هڪ سئو رپيا يا ان کان وڌيڪ پر هڪ هزار رپين کان وڌيڪ نہ وصول ڪندڙ هوٽل جي صورت ۾	سمورن لاجنگ يونٽس جي هڪ سئو سٺ سيڪڙو برابر
(b) هڪ هزار رپين کان وڌيڪ	سمورن لاجنگ

1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Sindh Act VII of 1977

وصول ڪندڙ هوٽل جي صورت ۾	يونٽس جي هڪ سئو ستر سيڪڙو برابر.".

1994 جي سنڌ مالياتي ايڪٽ XIII جي ترميم

Amendment of Sindh Finance Act XIII of 1994

8.سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1994 ۾، دفعہ 8 بشمول وضاحت کي ختم ڪيو ويندو.

شيڊول

(ڏسو دفعہ 4)

شيڊول

(ڏسو دفعہ (6_A)

جريان نمبر	سينيمائن جي درجابندي	روزانو ٽيڪس جو اگهہ
.1	ڪراچي سٽي (ايئر ڪنڊيشنڊ) اسٽار، ليرڪ، نشيمن، افشان، رينو ۽ بمبينو سينيمائون	2000
.2	ڪراچي سٽي (ايئر ڪنڊيشنڊ) جريان نمبر هڪ ۾ ڄاڻايلن کانسواءِ ٻيون	1000
.3	ڪراچي سٽي (نان ايئر ڪنڊيشنڊ)	500
.4	حيدرآباد سٽي (ايئر ڪنڊيشنڊ)	750
.5	حيدرآباد سٽي (نان ايئر ڪنڊيشنڊ)	500
.6	اندرون سنڌ (ايئر ڪنڊيشنڊ)	400
.7	اندرون سنڌ (نان ايئر ڪنڊيشنڊ)	200
.8	ٽوئرنگ ٽاڪيز اندرون سنڌ ۾ ڪليل هنڌن تي سينيمائون ۽ نندڙيون	ڪجهہ نہ

	سينيمائون	

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.